## NEWS IN PICTURES



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah speaking in the Inaugural ceremony of Therhi Bypass to Khairpur Road



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah is being briefed for Mehran University College of Engineering & Technology (MUCET) Khairpur



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah inaugurating Two-Day International Dates Festival at SMBB Open Air Theater Khairpur



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah, PPHI PD Riaz Ahmed Memon, DSM Maqsood Baloch Speaking in the PPHI Convention at Open Air Theater



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah distributing cheques among the policemen



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah inaugurating tree plantation champaign at Bilawal Bhutto Zardari Park



Sindh Education Minister Pir Mazhar-ul-Haq inaugurating Talemi Mela at IRC Khairpur



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah & MNA Syeda Nafisa Shah giving traditional gifts to the American Embassy Staff at Circuit House Khairpur



MNA & Chairperson NCHD Syeda Nafisa Shah, DCO Khairpur Muhammad Abbas Baloch, SGM NCHD Humera Hashmi & EDO-E Amanullah Bhayo speaking in NCHD program at Darbar Hall DCO Office



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah inaugurating Hepatits-B & C vaccine Campaign at Naz High School Khairpur


**Newsletter Published By:** District Government Khairpur
**Patron:** Muhammad Abbas Baloch, *District Coordination Officer Khairpur*
**Editor:** Sahib Khan Bhand, *District Information Officer Khairpur*
*Contact, Comments, Suggestions & Feedback: diokhp@gmail.com, Ph: 0243-9280220 - 9280201*
*www.khairpur.gos.pk, www.dgk.gos.pk*

Composing & Designing by: Majid Mangi



March-April 2010
Vol: 04


# Newsletter

## District Government Khairpur



**Honourable Chief Minster Sindh Syed Qaim Ali Shah Jillani offering Dua after laying foundation stone of Bilawal Bhutto Zardari Park at Khairpur**

## Khairpur Special Economic Zone to be established says C.M Sindh

Sindh Chief Minister Syed Qaim Ali Shah said that Special Economic Zones are being established in the province to bring prosperity and to boost up economic activities. This he said while addressing in the signing ceremony of Khairpur Special Economic Zone (KSEZ) at DCO Darbar Hall Khairpur. CM Sindh said that industrial development along with agricultural development is the need of the time, so economic zones are being established in the different areas of the province. He said that the KSEZ will pave the way for economic & business opportunities for the people of the region. The DCO & Administrator Khairpur Muhammad Abbas Baloch in the briefing told that KSEZ will be established on 180 acres. In last, the CEO National Industrial Park (NIP) Zubair Habib & DCO Khairpur signed the project document. On this occasion, provincial minister works & services Manzoor Hussain Wassan & Sindh Agricultural Minister Syed Nawaz Ali Shah were also present.



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah offering Dua after laying Foundation Stone of GMMC Teaching Hospital Khairpur



Honourable Chief Minster Sindh Syed Qaim Ali Shah attending in the KSEZ Briefing at DCO Darbar Hall Khairpur

## SALIENT FEATURES OF SPECIAL DEVELOPMENT PACKAGE KHAIRPUR

| S.No | Name of Scheme | Cost (Rs.) |
|---|---|---|
| 01 | Construction of Shaheed Benazir Bhutto Park at Khairpur | 53,531,000 |
| 02 | Construction of Bilawal Bhutto Zardari Park at Bhurgri Regulator | 44,688,000 |
| 03 | Construction of Syed Ramzan Ali Shah Trade Center | 60,304,000 |
| 04 | Construction of Modern Gymkhana & Community Hall | 79,644,000 |
| 05 | Construction of New Bus Terminal at Old SRTC Bus Stand Khairpur | 87,040,000 |
| 06 | Improvement / Reconditioning of Road from Shaheed Benazir Bhutto Gate to Railway Station Khairpur via Khaki Shah Pull | 128,321,000 |
| 07 | Improvement / Reconditioning of Road from Main National Bank to National Highway near Marium Canon | 34,080,000 |
| 08 | Improvement / Reconditioning of Road from MCB Khairpur to Dhareja Electronic via PanjGola Chowk | 9,812,000 |
| 09 | Improvement of Road from Sachal Library to Luqman Phattak via Garhi Pull | 19,380,000 |
| 10 | Construction of Slaughter Houses for Beef, one at Khairpur City & other at Luqman Muhalla Taluka Khairpur | 8,765,000 |
| 11 | Construction of Public Park at Kotdiji for Transport & Community | 17,936,000 |
| | **Total** | 54,350,1000 |



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah laying foundation stone of New Bus Terminal at old S.R.T.C Bus Stand Khairpur



CM Sindh Syed Qaim Ali Shah laying foundation stone of Modern Gymkhana & Community Hall at Khairpur.



## MPA Naeem Ahmed Kharal & DCO Review Different Schemes

MPA and Chairman Sindh Peoples Development Committee Khairpur Naeem Ahmed Kharal said that the Bus Terminal of Khairpur would be expanded and the separate portion for the ladies in Khairpur Gymkhana would be made, this he said while presiding the meeting to discuss and review the progress of various schemes of Khairpur under the Special Development Scheme at Darbar Hall. The DCO Muhamamd Abbas Baloch reviews the progress of various development works of Khairpur including Bus Terminal, Gymkhana, Bilawal Bhutto Park, Kot Digi Park, drinking water tube-wells, Inter City Roads, Slaughter Houses, Mumtaz Ground & Hockey Ground. The DCO directed the concerned officials to make work action plan of their respective development schemes and to expedite the development work as to be completed on the time. The EDO Finance and Planning, EDO Works & Services, Members Development Schemes, D.O Roads, XEN Public Health, Consultants and other officials attended the meeting.



DCO Muhammad Abbas Baloch has taken Charge of District Administrator Khairpur



MPA Naeem Ahmed Kharal & DCO Khairpur Muhammad Abbas Baloch in meeting to review different development schemes of Khairpur

Sindh Minister for Culture Sassui Palijo visited Khairpur to attend Shaikh Ayaz National Conference at Shah Abdul Latif University Khairpur and Radio Pakistan



## Subsided Tractors are being provided to the farmers: Says Secretary Agriculture

Secretary Sindh Agriculture Department Agha Jan Akhtar said that agricultural based production of Sindh is double than that of the Punjab province. He said that to improve the agriculture sector of the province, 5000 tractors on the government subsidy are being provided to the farmers of the province and necessary steps are also being taken to improve the irrigation system to provide water to tail farmers. He further said that sever actions will be taken against the dealers who involved in the provision of substandard pesticides.



Secretary Agriculture Presiding Agriculture Facility Board Meeting at DCO Darbar Hall, District Administrator Muhammad Abbas Baloch is also with him.

